# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1973
## سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973
## THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ORDINANCE, 1973
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extend and commencement

2. وصفون
Definitions

3. رهتن جو اعلان
Declaration of dues

4. قاعدن جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1973

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1973

# سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973

# THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ORDINANCE, 1973

[12 مئي 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extend and

1. هن آرڊيننس کي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| commencement | |
| وصفون<br>Definitions | 2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم جي متضاد نہ هجي هيٺين اظهارن جون معنائون ترتيبوار هيٺين ريت هونديون:<br>(a)"ڊفالتر" مطلب اهو شخص جنهن تي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جون واجب الادا رهتون آهن ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو اهڙين ڪن رهتن جي ادائگي جو ضامن هجي؛<br>(b)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽<br>(c) "سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ" مطلب تاريخ 2 جون 1947 تي سنڌ حڪومت جي ٺهراءَ نمبر 1_I.B/47_24 تحت قائم ڪيل سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ڪمپني. |
| رهتن جو اعلان<br>Declaration of dues | 3. (1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اعلان ڪري سگهي ٿي تہ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ طرفان واجب الادا رهتون يا رهتن جو ڪو قسم ڊفالترز کان لينڊ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هوندو.<br>(2) ذيلي دفعہ (1) تحت نوٽيفڪيشن شايع ٿيڻ کانپوءِ اهڙيون ڪي بہ رهتون روينيو رڪوري ايڪٽ، 1890 (1890 جو ايڪٽ I) تحت لينڊ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هونديون. |
| قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules | 4.حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |